26 December 2026

# اجتماعِ یومِ غریب نواز جو بیان

# خواجه حضور جي قرآن سان محبت



(For Islamic Brothers)

(6رجب،1447ھ/ 26 ڊسمبر 2025ء)

# اجتماع يومِ غريب نواز جو بيان

(6 رجب ۽ 1447 ھ / 26 ڊسمبر 2025 ع)

(جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات)

# خواجہ حضور جي قرآن سان محبت

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ ....

- عرش جي هيٺان وارو هڪ خزانو ..
- تلاوت جو شوق رکڻ وارو شهزادو ..
- ڇا مزارن وارا ٻڌندا ۽ جواب ڏيندا آهن
- شوقِ تلاوت جو قابلِ رشڪ انعام ...

پیشکش

اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیَۃ

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعۡدُ! فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَارَسُوۡلَ الله وَعَلٰى آلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَاحَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَانَبِيَّ الله وَعَلٰى آلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَانُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف

(ترجمو: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي)

# درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: مَنۡ صَلّٰى عَلَيَّ مِائَةَ مَرَّةٍ تَزَحۡزَحَتِ النَّارُ عَنۡهُ مَسِيۡرَةَ خَمۡسِمِائَةِ عَامٍ

**ترجمو:** جنهن مون تي **100** دفعا درود شريف پڙهيو اهو جهنم کان **500** سالن جي مسافت (يعني فاصلي جي برابر) جيترو پري ڪيو ويندو.[1]

دنیا و آخرت میں جب میں رہوں سلامت
پیارے پڑھوں نہ کیونکر تم پر سلام ہر دم
کیا خوف مجھ کو پیارے نارِ جحیم سے ہو
تم ہو شفیعِ محشر تم پر سلام ہر دم[2]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن

---

1...بستان الواعظين لابن جوزى،صفحه: 244۔

2...ذوقِ نعت، صفحه:168۔

تي آهي.(1)

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اڇو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# ذکر ڪرڻ وارن جوئي ذکر ٿيندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ ڇهين شريف آهي. الحمد لله! اڄ بَرِّصغير (*Subcontinent*) جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت، وارث النبي، عطاءِ رسول، معين الدين حضرت خواجہ حسن سِجزي المعروف **خواجہ غريب نواز** رحمۃ اللہ علیہ جو يومِ عُرس شريف آهي ۽ اسان خواجہ حضور جو ذڪر ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيا آهيون.

| | |
|---|---|
| چراغِ انجمنِ اَوْليا غريب نواز | امينِ سَطوَتِ خيبر کشَا غريب نواز |
| گلِ حديقۂ حسنين، نورِ چشمِ علی | فدائے سيرتِ خيرُ الوریٰ غريب نواز |

**مفهوم:** اي خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ! توهان اولياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیہم جي محفل جا چراغ آهيو، توهان خيبر فتح ڪرڻ واري مولاءِ ڪائنات، مولا علي رضی اللہ عنہ جي شجاعت جا امين آهيو، توهان امام حسن ۽

1…بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

امام حسين رضی اللہ عنھما جي باغ جا گُلَ ۽ حضرت علي رضی اللہ عنہ جي اکين جا تارا آهيو ۽ مصطفيٰ جانِ رحمت صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي سنتن جا شيدائي آهيو.

ڪڏهن ڪڏهن شيطان وسوسو ڏياريندو آهي تہ اِها ڪهڙي ڳالهہ آهي، هئڻ تہ ائين گهرجي تہ ماڻهن کي قرآن ٻڌايو وڃي، حديثون ٻڌايون وڃن، نماز ۽ روزي جي باري ۾ ٻڌايو وڃي، پر اوهان جڏهن ڏسو بس ٻانهن جو ذڪر ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهيو ۞ ڪڏهن غوث پاڪ جو ذڪر ۞ ڪڏهن خواجہ حضور جو ذڪر ۞ ڪڏهن داتا صاحب ۞ تہ ڪڏهن اعليٰ حضرت.

پهرين ڳالهہ تہ اسان اَلحَمدُلِلّٰه! قرآن بہ ٻڌائيندا آهيون، حديثون بہ ٻڌائيندا آهيون، هاڻي بہ ڏسندؤ تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بيان ۾ ڪيتريون آيتون ۽ ڪيتريون حديثون پيش ڪيون وينديون، رهي نماز تہ اَلحَمدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي وارا عاشقان رسول سڄي دنيا ۾ مسجد مسجد، ۽ دڪان دڪان وڃي نمازون سيکاريندا آهن. اڄ جي دور ۾ شايد ڪو ٻيو پليٽ فارم (*Platform*) اهڙو نہ هجي، جتي باقاعده **نمازڪورس** ڪرايو ويندو هجي، اوهان جي دعوتِ اسلامي اَلحَمدُلِلّٰه! **فيضانِ نماز ڪورس** بہ ڪرائيندي آهي.

باقي رهي هيءَ ڳالهہ تہ اسان **اولياءِ ڪرام** جو ذڪر ڇو ڪندا آهيون؟ ان جي متعلق عرض آهي تہ اسان اولياء جو ذڪر نہ ڪندا آهيون، اسان ڪير ٿيندا آهيون، انهن بلند شان وارن جو ذڪر ڪرڻ وارا، هِي تہ الله پاڪ جو ڪرم آهي، اُن جي عنايت آهي جو اسان جهڙن گنهگارن کي **ذڪرِ اولياء** ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائيندو آهي.

# هاڻي مخلوق فريد فريد ڪري رهي آهي

پير مهر علي شاهہ صاحب رحمۃ اللہ علیہ جيڪي بلند رتبي وارا عالمِ دين، سيد زاده ۽ تمام وڏا وليءِ ڪامل آهن، پاڻ هر سال بابا فريد رحمۃ اللہ علیہ جي مزار شريف تي حاضري ڏيندا هئا، هڪ دفعي پاڻ پاڪپتن تشريف کڻي ويا تہ ڪنهن بدعقيده عرض ڪيو: اوهان تہ عالمِ دين آهيو، اوهان بہ مزارن تي وڃو ٿا؟ پير مهر علي شاهہ صاحب رحمۃ اللہ علیہ فرمايو تہ مان هتي قرآني آيت جي تفسير اکين سان ڏسڻ ايندو آهيان. ان بدعقيده حيرت مان پڇيو: ڪهڙي آيت جي تفسير؟ فرمايائون: اللّٰہ پاڪ جو فرمان آهي:

| | |
|---|---|
| فَاذْكُرُوْنِیْۤ اَذْكُرْكُمْ (پارو: 2، سورة بقرة: 152) | ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ توهان مون کي ياد ڪريو، مان توهان کي ياد ڪندس. |

بابا فريد رحمۃ اللہ علیہ اُها هستي آهن، جن سڄي زندگي اللّٰہ پاڪ جو ذڪر ڪندي گذاري، هاڻي مان ڏسڻ ايندو آهيان تہ واقعي انهن جو چرچو ٿي رهيو آهي، **هو اللّٰہ پاڪ جو ذڪر ڪندا هئا، هاڻي مخلوق فريد فريد ڪري رهي آهي.** (1)

# اولياء جي محبت دلين ۾ داخل ڪئي ويندي آهي

اللّٰہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَیَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمٰنُ وُدًّا ﴿۹۶﴾ (پارو: 16، سورة مريم: 96) | ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، عنقريب رحمٰن انهن جي لاءِ محبت پيدا ڪندو. |

1…مہرِ منير، صفحہ:430، 431 خلاصۃً۔

مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رضی اللّٰہ عنہ جو بيان آهي تہ مون رسولِ اڪرم، نور مجسم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم کان هن آيت ڪريمہ جي وضاحت پڇي تہ فرمايائون: اي علي! جيڪو ايمان آڻيندو آهي ۽ نيڪ عمل ڪندو آهي، اللّٰه پاڪ مسلمانن جي دلين ۾ ان جي محبت پيدا ڪري ڇڏيندو آهي، ملائڪ بہ ان سان محبت ڪندا آهن ۽ نيڪ ماڻهن جي دلين ۾ بہ ان جي عزت داخل ڪئي ويندي آهي. (1)

حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن ڪو ٻانهو اللّٰه پاڪ جو محبوب (يعني پيارو) بڻجي ويندو آهي تہ ملائڪن کي بہ ان سان محبت ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويندو آهي ۽ ثُمَّ يُوۡضَعُ لَهُ الۡقَبُوۡلُ فِي الۡاَرۡضِ پوءِ زمين ۾ ان ٻانهي جي مقبوليت رکي ويندي آهي (يعني ماڻهن جون دليون ان ڏانهن مائل ڪيون وينديون آهن). (2)

معلوم ٿيو تہ اهي اسان نہ آهيون جيڪي اولياء جو ذڪر ڪندا آهيون بلڪ اِها تہ رب ڪريم جي عنايت ۽ مهرباني آهي جو اسان جهڙن کان پنهنجي محبوب ٻانهن جو پاڪ ذڪر ڪرائي رهيو آهي.

اللّٰه پاڪ پنهنجي هيءَ عنايت اسان تي هميشہ قائم رکي، ڪاش! مرڻ گهڙيءَ تائين ذڪرِ مصطفيٰ ڪندا رهون، ذڪرِ صحابہ، ذڪرِ اهلِ بيت سان زبان هر وقت تَر رهي، ڪاش! سموري زندگي ذڪرِ اولياء

---

1…نوادرالاصول،الاصل التاسع والخمسون والمائۃ فی المقۃ...الخ،جلد:1،صفحہ:426 ۔

2…مسلم،کتاب البر و الصلۃ و الآداب،باب اذا احب اللہ عبدا ...الخ،صفحہ:1016،حدیث:2637۔

ڪندي ڪندي گذري وڃي.

خُدا کا ذِکر کرے، ذِکرِ مصطفٰی نہ کرے | ہمارے منہ میں ہو ایسی زباں خُدا نہ کرے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# خواجہ حضور جي قرآن سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو تہ **ڇهين شريف** جي نسبت سان ذڪرِ خواجہ حضور رحمۃ اللہ علیہ ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. اڄ اسان جو موضوع آهي: **خواجہ حضور جي قرآن سان محبت** (*Khwaja Huzoor's love for the Quran*). اچو تہ پهريان هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون! پوءِ پنهنجي موضوع جي طرف هلون ٿا.

# اکيون بند، درياء پار

حضور خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي مان پنهنجي پير صاحب شيخ عثمان هارونِي (*Usman Harwani*) رحمۃ اللہ علیہ سان گڏ ڪنهن سفر تي روانو هيس، اسان هلندا هلندا درياءِ دجلہ (*Tigris River*) تي پهتاسين. اسان کي درياء پار ڪرڻو هو پر اتي ڪا بہ ٻيڙي (*Boat*) موجود نہ هئي، وڃڻو بہ جلدي هو ۽ ظاهري طور ڀي ڪا صورت بہ نظر نہ اچي رهي هئي.

سُبْحٰنَ الله! جنهن جو پير ڪامل هجي، ان کي ڀلا ڪهڙي پريشاني ٿي سگهي ٿي. خواجہ حضور رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: منهنجي پير صاحب شيخ عثمان هارونِي رحمۃ اللہ علیہ مون کي فرمايو: اکيون بند ڪر! مون فوراً اکيون بند ڪري ڇڏيون. ٿوري دير کان پوءِ فرمايائون: هاڻي اکيون کولي ڇڏ...!! مون اکيون کوليون تہ اسان درياء جي هُن پار پهچي

چڪا هئاسين.

نہ پُوچھ ان خرقہ پوشوں کی، اِرادت ہو تو دیکھ ان کو
یدِ بیضا لیے بیٹھے ہیں اپنی آستینوں میں [1]

**وضاحت:** اللّٰه وارن کي اللّٰه پاڪ ڪيڏي نہ شان عطا ڪئي آهي، جيڪڏهن ان جو نظارو ڪرڻو آهي تہ انهن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي وڃو، اِهي اللّٰه وارا، اللّٰه پاڪ جي عطا سان پنهنجي هٿن ۾ قدرتِ الٰهي جا نظارا ڪٽي وينا آهن (يعني اللّٰه پاڪ انهن جي هٿن مان ڪرامتن جو ظهور فرمائيندو آهي)

خواجه حضور رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مون پيرصاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيو: عالي جاهہ! اِهو ڪيئن ٿي ويو؟ اسان درياء جي هُن پار ڪيئن پهچي وياسين؟ فرمايائون: مان **5** دفعا **سورت فاتحہ** پڙهي درياء ۾ پير رکيو ۽ اسان درياء جي هُن پار پهچي وياسين.[2]

# اولياءِ ڪرام جي قدمن جي ڪرامت

پيارا اسلامي ڀائرو! اِها **سورت فاتحہ** جي عظيم الشان برڪت ۽ حضور خواجہ عثمان هارَوَني رحمۃ اللہ علیہ جي زبردست ڪرامت آهي، جنهن جي ذريعي پاڻ ڪجهہ ئي منٽن ۾، بغير ٻيڙيءَ جي درياء پار ڪري ورتائون.

هاڻي شيطان وسوسو ڏياريندو تہ اِهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ حديث پاڪ ٻڌو! ۽ حديث پاڪ بہ معتبر ترين ڪتاب **بخاري شريف** جي آهي.

---

[1] کلیات اقبال، بانگ درا، صفحہ:130۔
[2] دليل العارفين، مجلّس ہفتم، صفحہ:40۔

حديث پاڪ ڏڪي آهي، پر مان موضوع جي مناسبت سان صرف هڪ جملو عرض ڪندس. حديث قدسي آهي، اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو: فَاِذَا اَحْبَبْتُہٗ كُنْتُ رِجْلَہُ الَّتِیْ یَمْشِیْ بِهَا يعني اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو: جڏهن مان ڪنهن ٻانهي کي محبوب بڻائي ڇڏيندو آهيان تہ ان جا پيرَ ٿي ويندو آهيان (يعني ان جي پيرن ۾ خاص نوراني طاقت رکي ڇڏيندو آهيان) جن سان هو هلندو آهي.[1]

يعني ظاهري طور ڏسڻ ۾ اوهان کي ڪنهن عام شخص جا بہ 2 پير نظر ايندا آهن ۽ ولي اللّٰہ جا بہ 2 ئي پير هوندا آهن، پر عام شخص جڏهن هلندو آهي تہ انهن مِٽيءَ جي پيرن سان هلندو آهي، پر ولي اللّٰہ جڏهن هلندو آهي تہ اللّٰہ پاڪ جي عطا ڪيل خاص نوراني طاقت سان هلندو آهي.

معلوم ٿيو تہ جيڪي اللّٰہ پاڪ جا محبوب ٻانها هوندا آهن، رب ڪريم انهن جي هٿن، وات، زبان، ۽ ڪنن سان گڏوگڏ سندن پيرن کي بہ اهڙي طاقت عطا فرمائيندو آهي جو اهڙي طاقت ڪنهن ٻئي کي نہ ڏني ويندي آهي. تنهنڪري اللّٰہ پاڪ جو ولي جيڪڏهن اللّٰہ پاڪ جو ڪلام پڙهي، اللّٰہ پاڪ جي ڏنل طاقت سان بغير ٻيڙي جي درياءَ پار ڪري وڃي تہ ان ۾ ڪا تعجب جي ڳالهہ نہ آهي.

| | |
|---|---|
| کچھ لے کے اُٹھو اہلِ صفا کے در سے | یہ در ہیں قریب مصطفیٰ کے در سے |
| ایماں، یقیں، سکوں، رسالت، توحید | سب کچھ ملتا ہے اولیا کے در سے |

پيارا اسلامي ڀائرو! خواجہ حضور رحمۃ اللہ علیہ جي واقعي مان اسان کي

[1] بخاری، کتاب الرقاق، باب التواضع، صفحہ:1597، حدیث:6502 ملتقطًا۔

**سورت فاتحہ** جي فضيلت بہ معلوم ٿي تہ **خواجہ عثمان هاروَني** رحمۃ اللہ علیہ **سورت فاتحہ** جي تلاوت ڪئي ۽ بغير ڪنهن ظاهري سبب جي درياء جي پار پهچي ويا.

هيءَ ڪرامت جيتوڻيڪ انهن جو حصو هئي، پر! **سورت فاتحہ** پڙهي ان جون برڪتون اسان کي بہ حاصل ڪرڻ گهرجن.

## سورت فاتحہ جا ڪجھ فائداءِ برڪتون

رسولِ اڪرم، نور مجسم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جو ارشاد پاڪ آهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن (يعني پوري سورت فاتحہ) قرآن ڪريم جي سڀ کان عظمت واري سورت آهي.[1]

هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايائون: اُن ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، بيشڪ **سورت فاتحہ** جهڙي سورت نہ توريت (*Torah*) ۾ آهي، نہ انجيل (*Bible*) ۾ آهي، نہ زبور (*Psalms*) ۾ آهي ۽ نہ ئي قرآن ڪريم جي بقايا سورتن ۾ آهي، بيشڪ هيءَ ئي سَبْعِ مَثَانِى (يعني بار بار پڙهي وڃڻ واري 7 آيتن واري سورت) آهي.[2]

## عرش جي هيٺان وارو هڪ خزانو

مسلمانن جي چوٿين خليفي، امير المؤمنين حضرت علي المرتضيٰ رضی اللہ عنہ کان **سورت فاتحہ** جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ فرمايائون: مون کي رسول اڪرم، نور مجسم صلی اللہ علیہ والہ وسلم ٻڌايو تہ **سورت فاتحہ**

---

1 بخارى، ڪتاب التفسير، باب وَلَقَدْ آتَيْنَاكَ سَبْعًا مِنَ الْمَثَانِي ...الخ، صفحہ:1178، حديث:4703۔

2…ترمذى، ڪتاب فضائل القرآن، باب ما جاء فى فضل فاتحۃ الڪتاب، صفحہ:669، حديث:2875۔

عرش جي هيٺان واري هڪ خزاني مان نازل ڪئي وئي.(1)

## سورت فاتحه شِفا آهي

اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هِيَ اُمُّ الْكِتَابِ وَهِيَ شِفَاءٌ مِّنْ كُلِّ دَاءٍ يعني **سورت فاتحه** اُمُّ الڪتاب (قرآن مجيد جي اصل) آهي ۽ ان ۾ هر بيماريءَ جي لاءِ شفا آهي.(2)

## سورة فاتحه ۾ هر مسئلي جو حل آهي

اي عاشقان رسول! **سورت فاتحه** هر مسئلي جو حل آهي. حضرت عطاء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته جنهن کي ڪا حاجت هجي ته اُهو **سورت فاتحه** جي تلاوت ڪري، ان جي برڪت سان سندس حاجت پوري ٿي ويندي.(3) علماء ڪرام فرمائن ٿا ته 100 دفعا **سورت فاتحه** پڙهي جيڪا به دعا ڪئي وڃي، اُها قبول ٿيندي آهي.[4]

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو آسان حل آهي...! ڪا به مشڪل هجي، پريشاني هجي، تنگدستي هجي، ڪا حاجت درپيش هجي، **سورت فاتحه** پڙهي، دعا گهرو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اللّٰه پاڪ ڪرم فرمائيندو ۽ مشڪل، پريشاني ۽ تنگدستي دور ٿي ويندي.

اللّٰه پاڪ اسان کي ڪثرت سان قرآن پاڪ جي تلاوت بالخصوص

---

1⋯ تفسير در منثور، پاره:1، سورۀ فاتحه، جلد:1، صفحه:16۔

2⋯ تفسير در منثور، پاره:1، سورۀ فاتحه، جلد:1، صفحه:15۔

3⋯تفسير در منثور، پاره:1، سورۀ فاتحه، جلد:1، صفحه:17۔

[4]جنتي زيور، صفحه:587۔

بار بار **سورت فاتحہ** پڙهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# خواجہ حُضُور جي قرآن سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! خواجہ خواجگان، حضور خواجہ معين الدين چشتي اجميري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي بيشمار اوصاف مان هڪ اهم ترين وصف هي آهي تہ پاڻ قرآن ڪريم سان بيحد محبت رکندا هئا. سندن عمر **15** سال هئي، جڏهن والد محترم جو سايو سِرَ تان هٽي ويو، وراثت ۾ کيس هڪ باغ (**Garden**) ۽ هڪ چَڪِي (*Mill*)ملي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه باغ ۽ چڪي وڪرو ڪري ڇڏيا ۽ باقي جيڪو ساز و سامان هو، اهو بہ سمورو وِڪٽي، ان جي قيمت فقيرن ۽ مسڪينن تي صدقو ڪري، سمرقند (***Shamarkand***) وڃي قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا. [1] مڪمل قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ان وقت جا رائج عُلومَ (***Common Sciences***) سکيائون، جن ۾ علمِ تفسير بہ شامل آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! خواجہ حضور رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي قرآن ڪريم سان ڪيڏي محبت هئي، پاڻ پنهنجو گهربار ڇڏيائون، مال ۽ دولت ڇڏيائون، پورو باغ صدقو ڪري ڇڏيائون ۽ کهڙي ڪم ۾ مشغول ٿي ويا؟ قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ ۽ ان جي تفسير پڙهڻ ۾.

سُبْحٰنَ الله! ڪاش! خواجہ حضور رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي صدقي اسان کي بہ قرآن ڪريم جي محبت نصيب ٿي وڃي ۽ اسان کي بہ قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي وڃي.

---

1...اِقْتِباسُ الْاَنْوَار، صفحہ:347 ملتقطًا.

# قرآن ڪريم حِفظ ڪرڻ جون فضيلتون

اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا تہ قرآن حفظ ڪرڻ (يعني مڪمل قرآن زباني ياد ڪرڻ) فرضِ ڪفايہ، سنتِ صحابہ، سنتِ تابعين، سنتِ علماءِ دين، افضل ترين، مُسّتَحب ۽ بهترين نيڪي آهي. ان جون ايتريون تہ فضيلتون آهن جو ڳڻپ کان ٻاهر آهن.[1] ۞ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صلی اللہ علیہ والہ وسلم فرمايو: قيامت جي ڏينهن صاحبِ قرآن ايندو، قرآن ڪريم چوندو: اي مالڪ ڪريم! هن کي لباس عطا فرماءِ، لهٰذا صاحبِ قرآن کي ڪرامت جو تاج عطا ڪيو ويندو، قرآن ڪريم عرض ڪندو: مولا! اجان وڌيڪ انعام عطا فرماءِ، پوءِ صاحبِ قرآن کي بزرگي جو لباس پارايو ويندو، قرآن ڪريم عرض ڪندو: اي رب رحمٰن! هن کان راضي ٿي وڃ، اللہ پاڪ ان ٻانهي سان راضي ٿي ويندو،[2] پوءِ ان کي حڪم ڪيو ويندو تہ **پڙهندو وڃ، چڙهندو وڃ-** تنهنجو مقام ان آخري آيت جي ويجهو آهي، جيڪا تون پڙهندين.[3] يعني هر آيت تي ان کي هڪ درجو بلندي عطا ڪئي ويندي ۞ بخاري شريف جي روايت آهي، محبوب ذيشان صلی اللہ علیہ والہ وسلم فرمايو: توهان مان بهتر اهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ ٻين کي سيکاري.[4] ۞ دارمي شريف ۾ حديث آهي، فرمايائون: جڏهن ملائڪن قرآن ٻڌو تہ چيائون: خوشخبري آهي ان اُمت جي لاءِ جنهن تي قرآن نازل ٿيو، خوشي آهي انهن سينن جي لاءِ جيڪي ان کي ياد ڪندا ۽ خوشي آهي انهن زبانن

[1] ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ماجاء فی من...الخ، صفحہ:676
[2] ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ماجاء فی من...الخ، صفحہ:676 حديث:2915۔
[3] ترمذی، کتاب فضائل القرآن، صفحہ:677، حديث:2914۔
[4] بخاری، کتاب فضائل القرآن، باب خیرکم من تعلم القرآن و علمہ، صفحہ:1299، حديث:5027۔

جي لاءِ جيڪي ان جي تلاوت ڪنديون.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله! قرآن ڪريم ياد ڪرڻ تمام اعليٰ نيڪي آهي. ڪوشش ڪيو! پاڻ قرآن ڪريم حفظ ڪري وٺو، روزانو ٻه ٻه، چار چار آيتون ياد ڪندا رهو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪڏهن ته مڪمل ياد ڪري ئي وٺندؤ ۞ جيڪڏهن اِهو نه ڪري سگهو ته ڪجهه سورتون ئي ياد ڪري وٺو.

پاڻ سوچيو ته ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي جو اسان مسلمان آهيون، سالن کان نماز پڙهي رهيا آهيون پر افسوس! اسان کي نماز ۾ پڙهڻ جي لاءِ صرف سورت اخلاص ئي ياد آهي. وڌيڪ نه ته گهٽ ۾ گهٽ ۞ آخري 10 سورتون ئي ياد ڪري وٺو! ۞ سورت ملڪ ۞ سورت يٰسين ۞ سورت رحمٰن ياد ڪري وٺو! جيترو ياد ڪندؤ، اوترو ئي فائدو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: **جنهن سيني ۾ ڪجهه ٻه قرآن نه هجي، اهو ويران گهر جهڙو آهي.**[2] يعني جهڙي طرح گهر جي زينت ان ۾ رهڻ وارن سان آهي، ايئن ئي دل جي زينت قرآن ڪريم آهي، جنهن دل ۾ قرآن ئي نه هجي، اها بلڪل ويران آهي.

## تلاوت جو شوق رکڻ وارو شهزادو

دل ۾ خيال اچي رهيو هوندو، هاڻي ته وڏا ٿي ويا آهيون، هاڻي اسان ڪيئن حفظ ڪري سگهون ٿا. ڏسو! جذبو رهنمائي ڪندو آهي. ماڻهو محنت ڪري ته سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌو! گجرات جو هڪ مشهور بادشاهه ٿي گذريو آهي، **سلطان محمود**

---

[1] بخاری، کتاب فضائل القرآن، باب خیرکم من تعلم القرآن و علمہ، صفحہ:1299، حدیث:5027۔

[2] ترمذی، کتاب فضائل القرآن، صفحہ:677، حدیث:2713۔

**اول**- 9 (نائين) صدي هجري ۾ گجرات تي ان جي حڪومت هئي، هڪ ڀيري **رمضان شريف** جي 26 هين رات هئي، سلطان محمود اول علماءِ ڪرام جي خدمت ۾ حاضر هو ۽ تلاوت قرآن جون فضيلتون بيان ٿي رهيون هيون، هڪ عالم صاحب فرمايو: قيامت جي ڏينهن سج ويجهو اچي ويندو، سڀئي ماڻهو پريشانيءَ ۾ مبتلا هوندا پر جيڪو قرآن ڪريم جو حافظ هوندو، اُهو ۽ اُنَ جا والدين رحمت جي نُور جي ڇانوَ ۾ هوندا، انهن تي سج جي گرمي اثر نہ ڪندي. اِهي لفظ ٻڌي سلطان محمود هڪ ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ چيائين: افسوس! منهنجي پُٽَن مان ڪو بہ حافظِ قرآن نہ آهي، تنهنڪري مان اِها سعادت حاصل نہ ڪري سگهندس.

انهيءَ مجلس ۾ **سلطان محمود** جو پٽ **خليل خان** بہ موجود هو، عيد کان پوءِ **خليل خان** ٻي شهر هليو ويو ۽ قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ شروع ڪيائين، **خليل خان** ڏينهن رات محنت ڪندو رهيو، قرآن ڪريم جي خوب تلاوت ڪيائين، خوب محنت سان قرآن ڪريم حفظ ڪندو رهيو، ايسيتائين جو سندس اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون، ڊاڪٽرن چيو تہ رات جو جاڳڻ ۽ تلاوت جي ڪثرت سبب اکين ۾ ڳاڙهاڻ اچي وئي آهي، تنهنڪري ڪجهہ ڏينهن آرام فرمايو. **خليل خان** ٽڙپي چيو: اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون آهن تہ ڇا ٿي پيو، ان شاء الله الکريم! هيءَ ڳاڙهاڻ دنيا ۽ آخرت ۾ سُرخُروئي (يعني ڪاميابي) ڏياريندي، مان پنهنجي پڙهائي ۾ گهٽتائي نہ ٿو ڪري سگهان. آخرڪار هڪ سال تائين ڏينهن رات محنت ڪرڻ کان پوءِ **خليل خان** حافظِ قرآن بڻجي ويو ۽ سال کان پوءِ پنهنجي والد **سلطان محمود** وٽ پهتو ۽ عرض ڪيائين تہ

هن سال **رمضان شريف** ۾ تراويحون مان پڙهائيندس. سلطان کانئس حيرت مان پڇيو: تون ڪڏهن کان حافظ ٿيو آهين؟ **خليل خان** پنهنجي والد صاحب کي اُهو ئي واقعو ۽ علماءِ ڪرام جي ڪيل گفتگو ياد ڏياري پوءِ چيائين: بس ان ڏينهن کان ئي مون قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ هاڻي مان حافظ آهيان. **سلطان محمود** پنهنجي سُلڇڻي پٽ کي تراويحون پڙهائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي، **خليل خان** پهرين ئي ڏينهن تراويحن ۾ مڪمل قرآن ڪريم ختم ڪيو، سلطان پويان بيهي ٻڌندو رهيو، ٻئي ڏينهن بہ پورو قرآن ڪريم ختم ڪيائين، سلطان پويان بيهي ٻڌندو رهيو، پهرين **16** ڏينهن ۾ خليل خان **16** ختم شريف پورا ڪيا، **16**هين ڏينهن سلطان محمود پنهنجي ذهين پٽ کي سيني سان لڳايو ۽ ڪيس پيشانيءَ تي چمي ڏئي چيائين: **خليل خان!** تنهنجو شڪريو ڪيئن ادا ڪريان جو تون منهنجي لاءِ قيامت جي ڏينهن سج جي گرمي کان بچڻ جو ذريعو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن انسان محنت ڪري تہ قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ يا ڪجهہ سورتون ياد ڪرڻ ڪو مشڪل ڪم نہ آهي. بس ذهن ناهڻ ۽ همت ڪرڻ جي ڳالهہ آهي. بس همت ڪريو ۽ الله پاڪ جو نالو وٺي قرآن ڪريم مڪمل يا ڪجهہ سورتون ياد ڪرڻ شروع ڪري ڏيو!

اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْكَرِيْم! غيب مان اسباب پيدا ٿي ويندا.

اُٹھ باندھ کمر کیا ڈرتا ہے | پھر دیکھ خُدا کیا کرتا ہے

## ٻارن کي حفظ ڪرايو!

اهڙي طرح پنهنجي ٻارن کي بہ قرآن ڪريم حفظ ڪرايو! الحمدللہ!

دعوتِ اسلامي جو شعبو مدرسة المدينه (گرلز ۽ بوائز) اوهان جي خدمت لاءِ موجود آهي، ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر هزارين مدرسا موجود آهن، هن وقت تائين لکين ٻار مدرسة المدينه مان قرآن ڪريم حفظ ۽ ناظره جي تعليم حاصل ڪري چڪا آهن، توهان بہ پنهنجي ٻارن کي مدرسة المدينه ۾ داخل ڪرايو! ان شاء الله الڪريم! حافظِ قرآن جو والد ٻڇڻ جي سعادت حاصل ٿيندي ۽ رب ڪريم چاهيو تہ ميدانِ محشر ۾ عزتن جو تاج نصيب ٿيندو.

سینے میں ہے قرآن کی دولت کا خزانہ | ہیں ربّ کی امانت کے امیں حافظ قرآں
محشر میں عطا ہوگا انھیں اذنِ شفاعت | امت کے مددگار و معیں ، حافظ قرآں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# خواجہ حضور جو ذوقِ تلاوت

اي عاشقان رسول! خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ حافظِ قرآن هئا، پاڻ هر ڏينهن ۽ رات ۾ 2 دفعا قرآن ڪريم جو ختم فرمائيندا هئا ۽ هر ختم قرآن تي غيب مان آواز ايندو هو: **اي معين الدين! اسان تنهنجو ختمِ قرآن قبول ڪيو.** [1]

اي عاشقان رسول! ڏٺو اوهان اسان جا آقا، هندستان جا راجا، خواجہ صاحب رحمۃ اللہ علیہ عبادت ۽ رياضت خاص ڪري تلاوتِ قرآن سان ڪيڏو لڳاءُ رکندا هئا.

الله اڪبر! اسان جا آقا، هندستان جا راجا رحمۃ اللہ علیہ تہ روزانو 2

1…سیر الاقطاب ،صفحہ:101۔

پيرا ختمِ قرآن ڪن ۽ اسان عاشقانِ خواجہ ڪان سڄي مهيني (*Month*) بلڪ پوري سال ۾ هڪ دفعو بہ قرآنِ ڪريم ختم نہ ٿئي؟ اِهو ڪهڙو عشق ۽ ڪهڙي محبت آهي؟ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جي نقشِ قدم تي هلندي روزانو تلاوتِ قرآنِ ڪريم جو معمول بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ ان جون برڪتون حاصل ڪريو، گھر ۾ تلاوتِ قرآن ٿيندي رهندي تہ رحمتن جو نزول ٿيندو ۽ مصيبتون ۽ تڪليفون (*Calamities*) دور ٿينديون. تلاوتِ قرآن جو شوق حاصل ڪرڻ جي لاءِ 3 فرامينِ مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم پڙهو ۽ روزانو تلاوتِ قرآن ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو!

# تلاوتِ قرآن جي فضيلت

**(1):** اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم فرمايو: قرآن پڙهندا ڪريو! بيشڪ جيڪا دل قرآن ڪريم جي حافظ هوندي آهي، اللّٰه پاڪ ان دل کي عذاب نہ ڏيندو آهي.[(1)]

**(2):** حضرت ابو سعيد خدري رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ اللّٰه پاڪ جي محبوب نبي، مڪي مدني، محمد عربي صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم فرمايو: اللّٰه پاڪ فرمايو آهي: جيڪو شخص تلاوتِ قرآن ۽ منهنجي ذڪر ۾ مصروف هجڻ جي سبب مون کان گھري نہ سگھي تہ مان اُن شخص کي گھرڻ وارن کان وڌيڪ عطا فرمائيندو آهيان، وڌيڪ فرمايائون تہ جهڙي طرح اللّٰه پاڪ پنهنجي سموري مخلوق کان افضل آهي، اهڙي

1…جامع صغير، صفحہ:83، حديث:1340۔

طرح الله پاڪ جو ڪلام بہ بين سيني ڪلامن کان افضل ۽ اعليٰ آهي.[(1)]

**(3):** اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَفْضَلُ عِبَادَةِ اُمَّتِیْ قِرَاءَةُ الْقُرْآنِ قرآن ڪريم منهنجي امت جي افضل ترين عبادت آهي.[(2)]

عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگا دے دِل
رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولیٰ ( 3 )

# تون بخشيلن مان آهين...!!

حضرت بابا فريد گنج شڪر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن جي مزار شريف پاڪپتن ۾ آهي، پاڻ تمام وڏا وليءِ ڪامل آهن، فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي مان اجمير شريف حاضر ٿيس ۽ حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري يعني خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي روضي مبارڪ تي ترسِيُس، اِها عَرفہ (يعني **9** ذوالحج) جي رات هئي، مون مزارِ پُرانوار جي ويجهو (قبلي جي طرف رخ ڪري) نماز ادا ڪئي، نماز مڪمل ڪرڻ کان پوءِ اتي ئي ويهي تلاوت ڪرڻ لڳس. اتي ئي ويني ويني مان **15** سيپارا تلاوت ڪري چڪو هئس، **سورت ڪهف يا سورت مريم** جي تلاوت ڪري رهيو هئس تہ مون کان پڙهڻ ۾ غلطي ٿي وئي ۽ هڪ حرف پڙهڻ رهجي ويو. مون کي ان غلطي جو احساس نہ ٿيو ۽ مان اڳتي

---

1…ترمذی، کتاب فضائل القرآن، صفحہ:679، حدیث:2926۔

2…شُعَبُ الایمان ، جلد:2، صفحہ:354، حدیث:2022۔

3…وسائلِ بخشش،صفحہ:98-114-102۔

پڙهڻ لڳس تہ مزار پُرانوار مان آواز آيو: **هي حرف ڇڏي ويا آهيو، ٻيهر پڙهو!** مون ان جاءِ کان ٻيهر پڙهيو، هاڻي آواز آيو: **بهترين پڙهي رهيا آهيو. خَلفُ الرّشِيد (يعني سٺا پٽ) ائين ئي ڪندا آهن-** بابا فريد رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا تہ ان کان پوءِ مان تلاوت ڪندو رهيس، جڏهن تلاوت مڪمل ڪري چڪس تہ مون روئي روئي دعائون ڪيون، مون کي اِهو خوف ٿي رهيو هو تہ افسوس! نہ ڄاڻ مان بخشيلن مان آهيان يا نہ، ان ڏپ جي سبب مان روئي رهيو هئس تہ اوچتو مزار پاڪ مان آواز آيو: مولانا! جيڪو شخص اهڙي طرح نماز پڙهندو آهي، اُهو بخشيلن مان آهي.[1]

## ڇا اهلِ مزار ٻڌندا آهن ۽ جواب بہ ڏيندا آهن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا تہ شان آهي اسان جي خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جو...!! يقيناً اولياءِ ڪرام پنهنجي مزارن ۾ زنده آهن، ۽ مزار تي حاضري ڏيڻ وارن کي ڏسندا بہ آهن، انهن جو آواز بہ ٻڌندا آهن، ڪين سجاڻيندا بہ آهن ۽ الله پاڪ جي عطا سان سندن حاجتون بہ پوريون فرمائيندا آهن. ❀ حديث پاڪ ۾ آهي: مصطفيٰ جانِ رحمت صلی اللہ علیہ والہ وسلم ارشاد فرمايو: جيڪو بہ پنهنجي اهڙي مسلمان ڀاءُ جي قبر جي پرسان گذري جنهن کي دنيا ۾ هُو سڃاڻندو هو ۽ کيس سلام ڪري تہ مُردو بہ ان کي سڃاڻيندو آهي ۽ سندس سلام جو جواب ڏيندو آهي.[2] ❀ آخري نبي، محمدِ عربي صلی اللہ علیہ والہ وسلم غزوهءِ احد کان واپسي تي حضرت مصعب بن عمير ۽ ٻين شهيدن جي مزارن تي بيٺا

---

1… ہند کے مرشدِ اعظم، صفحہ:133۔

2…الاستذکار ، کتاب الطہارۃ ، باب جامع الوضوء ،جلد:1، صفحہ:226، تحت الحدیث : 29۔

www.dawateislami.net

۽ ارشاد فرمايائون تہ مان شاھدي ٿو ڏيان تہ توھان اللّٰہ پاڪ وٽ زندھ آھيو. (پوءِ فرمايائون: اي انسانو!) انھن جي زيارت ڪندا ڪريو ۽ انھن کي سلام ڪندا ڪريو! ان ذات جو قسم جنھن جي قبضي ۾ منھنجي جان آھي! **قيامت تائين جيڪو بہ انھن کي سلام ڪندو، ھِي انھن جي سلام جو جواب ڏيندا.** [1]

# قبر ۾ بہ تلاوت جي سعادت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي قرآن ڪريم سان وابستگي ڏسو جو پاڻ پنھنجي مزار پاڪ ۾ آھن، بابا فريد رحمۃ اللہ علیہ ھِن دنيا ۾، مزار پاڪ جي ويجھو ويھي تلاوت فرمائي رھيا آھن، خواجہ حضور رحمۃ اللہ علیہ مزار شريف جي اندر ھوندي، تلاوت ٻڌي بہ رھيا آھن ۽ سندن اصلاح بہ فرمائي رھيا آھن.

ڪاش! خواجہ حضور رحمۃ اللہ علیہ جو فيضان اسان کي بہ نصيب ٿي وڃي، اسان کي بہ قرآن ڪريم سان اھڙي وابستگي ٿي وڃي جو اٿندي، ويھندي، سمھندي، جاڳندي بس قرآن ئي قرآن جا خيال ھجن، اي ڪاش! دنيا ۾ تلاوت ڪندي ڪندي اھڙي پڪي عادت ٺھجي وڃي جو قبر ۾ بہ تلاوت ڪرڻ جي سعادت ملي وڃي.

# شوقِ تلاوت جو قابلِ رشڪ انعام

حضرت ثابت بُناني رحمۃ اللہ علیہ تمام نيڪ ۽ پرھيزگار ٻانھا ھئا، پاڻ رحمۃ اللہ علیہ ھميشہ ڏينھن جو روزو رکندا ھئا ۽ سڄي رات عبادت ۾

---

1⋯ معجم اوسط، جلد:3، صفحہ: 7، حديث:3700۔

گذاريندا هئا، حضرت ثابت بُناني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي تلاوتِ قرآن جو تمام گهڻو شوق هو، روزانو قرآن شريف جو هڪ ختم پورو ڪندا هئا. [1] ان جي برڪت سان پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تي ايڏو ڪرم ٿيو جو سندن مٿان رشڪ ايندو آهي. جيئن تہ وفات کان پوءِ تدفين (*Burial*) دوران اوچتو هڪ سِرَ قبر جي اندر ڪِري پئي، ماڻهو سِرَ کڻڻ جي لاءِ جڏهن جهڪيا تہ هي ڏسي حيران ٿي ويا تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه قبر ۾ بيٺا نماز پڙهي رهيا آهن. سندن گهر وارن کان جڏهن معلوم ڪيو ويو تہ انهن جي شهزادي صاحبہ ٻڌايو تہ منهنجا والدِ محترم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه روزانو دعا ڪندا هئا تہ اي الله پاڪ! جيڪڏهن تون ڪنهن کي وفات کان پوءِ قبر ۾ نماز پڙهڻ جي سعادت عطا فرمائين تہ مون کي بہ اهڙي سعادت عطا فرمائجان. [2] منقول آهي تہ جڏهن بہ ماڻهو حضرت ثابت بُناني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مزار پرانوار جي پرسان گذرندا هئا تہ قبر انور مان تلاوتِ قرآن جو آواز اچي رهيو هوندو هو. [3]

دہن میلا نہیں ہوتا، بدن میلا نہیں ہوتا | خُدا کے اَوْلیا کا تو کفن میلا نہیں ہوتا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! خوب تلاوتِ قرآن جي سعادت ماڻيو! حضرت ثابت بُناني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جيان دل ۾ تڙپ بہ رکو! ڪهڙي خبر اسان تي بہ ڪرم ٿي وڃي ۽ جيئن ئي تنهائي جي گهر قبر ۾ لهون تہ الله پاڪ جي پاڪيزه ڪلام قرآن ڪريم جو ساٿ نصيب ٿي وڃي.

---

1…حلية الاولياء، جلد:2، رقم:2575، صفحہ:364۔

2…حلية الاولياء، جلد:2، رقم:2568، صفحہ:362۔

3…حلية الاولياء، جلد:2، رقم:2583، صفحہ:366۔

# قرآن ڪريم ڪي ڏسڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ قرآن ڪريم سان تمام گهڻي محبت فرمائيندا هئا، گڏوگڏ ٻين کي بہ قرآن ڪريم سان محبت جو درس ڏيندا هئا. خواجہ بختيار ڪاڪي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا تہ سومر شريف جو ڏينهن هو، مان خواجہ حضور رحمۃ اللہ علیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، ان وقت شيخ محمد اَوحد چشتي رحمۃ اللہ علیہ ۽ ٻيا بزرگ بہ اُتي موجود هئا، خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ درس ڏنو. هن ۾ (قرآن سان محبت جي ترغيب ڏيندي) فرمايائون: قرآن ڪريم کي ڏسڻ عبادت آهي. جيڪو شخص ڪلام الله (يعني قرآن ڪريم) ڏانهن ڏسندو آهي ۽ ان جي تلاوت ڪندو آهي تہ ان کي ٻِيڻو ثواب ملندو آهي، هڪ قرآن ڪريم پڙهڻ جو ۽ ٻيو قرآن ڪريم کي ڏسڻ جو.[1]

# قرآن ڪريم کي ڏسڻ جون 3 برڪتون

خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ وڌيڪ فرمايو تہ جيڪو شخص قرآن ڪريم کي ڏسندو آهي ۞ الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان ان جي نظر (*Eyesight*) وڌي ويندي آهي ۞ ان جون اکيون ڪڏهن بہ نہ ڏکنديون آهن ۞ ۽ نہ ئي خشڪ ٿينديون آهن.

هڪ دفعي هڪ بزرگ رحمۃ اللہ علیہ تشريف فرما هئا، سامهون قرآن ڪريم رکيل هو، ايتري ۾ هڪ نابين (*Blind*) شخص حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: مون تمام گهڻو علاج ڪرايو آهي پر منهنجيون اکيون نيڪ نہ ٿيون ٿين، توهان دم ڪري ڇڏيو! اُهي بزرگ رحمۃ اللہ علیہ قبلي رخ

---

1…هشت بهشت، دليل العارفين، صفحہ:20۔

ٿيا، فاتحہ شريف پڙهيائون، پوءِ قرآن ڪريم ڪڍي ان جي ٻنهي اکين تي لڳايائون، بس قرآن ڪريم اکين تي لڳڻ جي دير هئي، ان جي برڪت سان سندس ٻئي اکيون روشن ٿي ويون. (1)

## عزت جي نگاهہ سان ڏسڻ جي برڪت

انهيءَ ئي سلسلي ۾ خواجہ حضور رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡه هڪ ٻيو واقعو بيان ڪندي فرمايو: هڪ تمام گهڻو گنهگار شخص هو، سندس گناهن جي سبب ماڻهو ان کان نفرت ڪندا هئا، سمجهائڻ وارا ڪيس تمام گهڻو سمجهائيندا هئا پر هو گناهہ ڪرڻ کان نہ مُڙندو هو، آخرڪار هُو انهيءَ ئي حال ۾ وفات ڪري ويو، مرڻ کان پوءِ ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏٺو تہ سندس مٿي تي تاج سجايل آهي، جنتي لباس پائي ملائڪن سان گڏ جنت ڏانهن وڃي رهيو آهي. خواب ڏسڻ واري ڪانئس پڇيو: تون تہ وڏو گنهگار هُئين، توکي هيءَ سعادت ڪيئن نصيب ٿي؟ جواب ڏنائين تہ دنيا ۾ مون کان هڪ نيڪي ٿي هئي، اها هيءَ تہ مان جتي بہ قرآن ڪريم ڏسندو هئس تہ اُتي بيهي ان کي وڏي عزت جي نگاهہ ڏسندو هيس، بس ان ئي نيڪي جي برڪت سان الله پاڪ مون کي بخشي ڇڏيو. (2)

سُبۡحٰنَ الله! ڇا تہ شان آهي الله پاڪ جي پاڪيزه ڪلام قرآن ڪريم جو...!! ڪاش! اسان هن عظيم الشان ڪتاب قرآن ڪريم جو قدر ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، قرآن ڪريم کي ڏسڻ بہ عبادت آهي، ان کي ڇُهَڻ بہ عبادت آهي، ان کي پڙهڻ بہ عبادت آهي ۽ سُبۡحٰنَ الله! ڪهڙي نہ اعليٰ

---

1…هشت بهشت، دليل العارفين ،صفحہ:21۔

2…هشت بهشت، دليل العارفين ،صفحہ:21۔

عبادت آهي جو الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صلّى الله عليه واله وسلّم فرمايو: قرآن ڪريم جو هڪ حرف پڙهڻ تي **10** نيڪيون ملنديون آهن.(1)

هڪ حديث شريف ۾ آهي: اَفْضَلُ عِبَادَةِ اُمَّتِیْ قِرَاءَةُ الْقُرْآنِ قرآن ڪريم پڙهڻ منهنجي امت جي افضل ترين عبادت آهي.(2)

# رجب شريف ۾ پڙهڻ واري دعا

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله! رجب شريف جي آمد ٿي چڪي آهي، رجب تمام گهڻو بابرڪت، عزت ۽ حرمت وارو مهينو آهي، جنتي صحابي حضرت انس بن مالڪ رضی اللّٰه عنه فرمائن ٿا تہ جڏهن **رجب شريف** جو مهينو ايندو هو تہ الله پاڪ جا محبوب نبي، رسولِ هاشمي صلّى الله عليه واله وسلّم هيءَ دعا ڪندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

**ترجمو:** اي الله پاڪ! تون اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرماءِ ۽ اسان کي رمضان تائين پهچاءِ.(3)

اچو تہ اسان بہ هيءَ دعا پڙهي وٺون:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

اٰمِیْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

مَشْهُور مُفَسّرِ قرآن، حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیه هن

---

1…مسند رویانی، جلد:1، صفحہ:397، حديث:605۔

2…شُعَبُ الايمان ، جلد:2، صفحہ:354، حديث:2022۔

3…مُسْنَدِ بَزّار، جلد:13، صفحہ:117، حديث:6496۔

حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هن دُعاءِ مصطفٰي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جو مفهوم هي آهي تہ اي اللّٰہ پاڪ! رجب جي مهيني ۾ اسان جي عبادتن ۾ برڪت عطا فرماءِ، شعبان ۾ اسان کي خشوع ۽ خضوع جي نعمت سان مالامال ڪر ۽ اسان کي رمضان المبارڪ حاصل ڪرڻ نصيب فرماءِ، ان جا روزا رکڻ، راتين جو عبادت ڪرڻ نصيب فرماءِ. (1)

میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائِل ہوں
مہِ رمضان کے صدقے میں فرما دے کرم مولا
بَراءَت دے عذابِ قبر سے، نارِ جہنّم سے
مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولا
عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگا دے دِل
رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولا (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٻج پوکڻ جو مهينو

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدُ لله! رجب شريف جي آمد آهي، هي نيڪين جو مهينو آهي. هن ۾ خوب عبادت ڪريو! ۞ نفل روزا رکڻ جو اهتمام ڪيو، حديثِ پاڪ جي مطابق رجب جي پهرين ڏينهن جو روزو 3 سالن جو، ٻئي ڏينهن جو روزو 2 سالن جو، ۽ ٽئين ڏينهن جو روزو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو

1…مرآۃ المناجیح، جلد:2، صفحہ:330 بتغیر۔

2…وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

ڪفارو آهي[1]. لهٰذا جلدي ڪريو! رمضان جو انتظار نہ ڪريو! اَڄ ۽ هاڻي ئي نيڪيون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو! صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا: رجب ٻج پوکڻ جو مهينو آهي، شعبان پاڻي ڏيڻ جو، ۽ رمضان شريف فصل ڪٽڻ جو مهينو آهي. يعني رجب ۾ نوافل ۾ خوب ڪوشش ڪريو! شعبان ۾ پنهنجي گناهن تي ڳوڙها وهايو ۽ رمضان ۾ الله پاڪ کي راضي ڪري ان فصل کي خيريت سان ڪٽيو[2]!

| | |
|---|---|
| میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں | مہِ رمضان کے صدقے میں فرما دے کرم مولا |
| بَراءَت دے عذابِ قبر سے، نارِ جہنّم سے | مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولا |
| عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگا دے دِل | رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولا[3] |

الله پاڪ اسان سڀني کي گهٽي ڪان گهٽيون نيڪيون ڪرڻ ۽ نيڪ ڪمن ۾ پنهنجو دل لڳائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّى الله عليه واٰله وسلّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# سحري اجتماعن جي ترغيب

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلحمدُ لله! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ رجب شريف جي مبارڪ ڏينهن ۾ خاص طور تي نفل روزا رکڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي. ڪثير تعداد ۾ اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن مبارڪ مهيني ۾ نفل روزا رکڻ جو اهتمام ڪندا آهن، جنهن سان

[1] جامع صغير، صفحہ:311-312، حديث:5051۔
[2] مراۃ المناجيح، جلد:2، صفحہ:330 بتغير ۔
[3] وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

گڏوگڏ يوسي (UC) سطح تي سحري اجتماعن جو پڻ انتظام ڪيو ويندو آهي.

انهن اجتماعن ۾ نمازِ تهجد جو پڻ خاص اهتمام ڪيو ويندو آهي. نمازِ تهجد جي بہ ڇا تہ نرالي شان آهي! فرض نمازن کان پوءِ سڀ کان افضل نماز تهجد آهي.[1] آخري نبي، مڪي مدني صلی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جن ارشاد فرمايو: ڇا مان اوهان کي ڀلائيءَ جا دروازا نہ ٻڌايان؟ پوءِ پاڻ سڳورن فرمايو: (1) روزو ڍال آهي. (2) صدقو گناهن کي ائين مٽائي ڇڏيندو آهي، جيئن پاڻي باهہ کي وسائي ڇڏيندي آهي. ۽ (3) ٻانهي جو آڌي رات جو قيام ڪرڻ (يعني نمازِ تهجد ادا ڪرڻ ڀلائيءَ جو وڏو دروازو آهي).[2]

تمام اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾ التجا آهي تہ سحري اجتماعن ۾ بہ ڀرپور شرڪت ڪن ۽ نفل روزا رکڻ جي پڻ ڪوشش فرمائين. جيڪڏهن ممڪن هجي تہ رجب شريف جي روزن واري تحريڪ ۾ شامل ٿي وڃو. هن مبارڪ مهيني ۾ جيڪو بہ اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ ۞ 7 روزا رکڻ جو شرف حاصل ڪري، اهو Best آهي. ۞ جيڪو 4 روزا رکڻ جي سعادت ماڻي، اهو Better آهي. ۞ جيڪو 2 روزا رکڻ جو شرف حاصل ڪري، اهو Good آهي. همت ڪريو! نيت ڪريو! ۽ توهان بہ هن نيڪ تحريڪ جو حصو بڻجو! اللہ پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] مسلم، ڪتا ب الصيام، با ب فضل صوم المحرم، صفحہ:424، حديث:1163۔

[2] سنن ابن ماجہ ،ڪتاب الفتن ،باب ڪف اللسان فی الفتن ،صفحہ:640،حديث :3973۔

# دعوتِ اسلامي ۾ خدمتِ قرآن

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي فيضانِ اولياء آهي. اَلحمدُلله! الله وارن جي نقشِ قدم تي هلندي، هيءَ تحريڪ قرآنِ ڪريم جي خدمت ڪرڻ ۽ قرآني تعليمات کي عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي.

الحمدُلله! خدمتِ قرآن جي جذبي تحت، دعوتِ اسلامي هيستائين ملڪ ۽ پرڏيهہ ۾ هزارين مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم ڪري چڪي آهي، جن ۾ لکين ٻارڙا ۽ ٻارڙيون مفت ناظره ۽ حفظِ قرآن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ان سان گڏوگڏ هزارين هنڌن تي مدارس المدينہ (بالغان ۽ بالغات) پڻ لڳايا پيا وڃن، جن ۾ وڏي عمر جا اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون قرآنِ ڪريم پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. ۞ **مڪتبة المدينہ** جي ذريعي مدني قاعدو، ترجمہ قرآن ڪنزالايمان مع خزائن العرفان ۽ تفسير صراط الجنان سميت هڪ درجن کان وڌيڪ ڪتاب، لکن ۽ هزارن جي تعداد ۾ شايع ٿي چڪا آهن. ۞ **مدني چينل** تان 15 کان وڌيڪ اهڙا سلسلا نشر ٿي چڪا آهن، جيڪي قرآنِ ڪريم کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ سان لاڳاپيل آهن.۞ شعبہ امام مساجد جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ مسجدن ۾، جمعي جي اجتماعن ۾ سلسليوار قرآني بيانن جو سلسلو جاري آهي. ۞ **شعبہ ڪورسز** جي تحت مُدرس ڪورس، مدني قاعدو ڪورس ۽ ان کان علاوه قرآنِ ڪريم جي فهم ۽ تلاوت کي درست ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ٻيا ڪورس پڻ ڪرايا ويندا آهن. ۞ اهڙي طرح مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز،

جهڙوڪ: **مدني قاعدو، القرآن الڪريم، قرآن مع تفسير ۽ قرآن ٽيچر** وغيره پڻ جاري ڪيون ويون آهن. الله پاڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ وڌيڪ برڪتون عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! درست اسلامي عقيدا سکڻ، عشقِ مصطفيٰ صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان پنهنجين دلين کي منور ڪرڻ ۽ صحابه ۽ اهل بيتِ اطهار رضی اللہ عنہم جي محبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. **12** ديني ڪمن ۾ به خوب زور شور سان حصو وٺو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ان جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **هفتيوار اجتماع** به آهي.

توهان کي التجا آهي ته هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪندا ڪريو! ۞ ديني اجتماع ۾ ويهڻ ۽ ذڪر ڪرڻ وارن جو پنهنجو چا ته شان هوندو، جڏهن ته حديث پاڪ جي مطابق جيڪو انهن وٽ ويهندو آهي، اهو به بدبخت نه رهندو آهي. (1)

---

1⋯ مسلم، كتاب الذكر والدعا ...الخ، باب فضل مجالس الذكر، صفحه:1037، حديث:2689 خلاصةً.

الحمدلله! هفتيوار اجتماع ۾ ذڪر ٿيندو آهي ۞ علمِ دين به سکڻ لاءِ ملندو آهي ۞ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ ۞ ۽ مسجد ۾ وقت گذارڻ نصيب ٿيندو آهي ۞ هڪ اهم برڪت هيءَ به آهي ته ديني اجتماع لاءِ وڃڻ به راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي، هفتيوار اجتماع ۾ تشريف ڪٽي ايندؤ ته ان شاءالله الڪريم! گهر مان نڪرڻ کان وٺي واپس موٽڻ تائين سمورو وقت راهِ خدا ۾ شمار ٿيندو. هر جمعي جي رات پابندي سان **هفتيوار اجتماع** ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت جي نيت ڪري ڇڏيو! اچو ته ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

# اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي لذت

هڪ اسلامي ڀاءُ جي خط جو خلاصو آهي ته منهنجو تعلق بدمذهب گهراڻي سان هو. دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿيڻ جي سعادت هن طرح نصيب ٿي جو هڪ دفعي دعوتِ اسلامي واري هڪ عاشقِ رسول اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي. انهن مون کي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني جنهن کي مان نه چاهيندي به قبول ڪري ورتو. جڏهن مان اجتماع ۾ شريڪ ٿيس ته اتي ٿيڻ واري پُرسوز بيان ۽ رقت انگيز دعا منهنجي دل ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري مون کي دلي سڪون حاصل ٿيو، بس پوءِ ته اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ منهنجو معمول بڻجي ويو. گهر وارن کي خبر پئي ته انهن رڪاوٽون وجهڻ شروع ڪيون. الله پاڪ جي عطا ڪيل توفيق سان مان ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان اجتماع ۾ پهچي ئي ويندو هئس. هاڻي منهنجو نيڪين ڪرڻ جو جذبو ڏينهون ڏينهن وڌندو پئي ويو. منهنجي اخلاق ۾ بهتري اچڻ شروع ٿي وئي، گهر وارن جڏهن منهنجي اخلاق ۽

ڪردار ۾ تبديلي ايندي ڏٺي ته آهستي آهستي انهن به نرمي ڪرڻ شروع ڪئي. اَلحَمْدُلله! اجتماع جي برڪت سان درست عقيدا اختيار ڪرڻ، مٿي تي عمامو شريف سجائڻ ۽ سنت جي مطابق ڏاڙهي رکڻ جي سعادت نصيب ٿي وئي.

تِرا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
سلامت رہے یاخدا دینی ماحول | بچے بد نظر سے سدا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# فتاويٰ رضويه موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقان رسول! الحمدلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري ايپلي ڪيشن **فتاويٰ رضويه** (*Fatawa Razwia*) جي نالي سان جاري ڪئي آهي ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ فتاويٰ رضويه جا سيئي جلد شامل آهن ۽ هر جلد جي رسالن ۽ موضوعن جي مختصر فهرست به شامل ڪئي وئي آهي ۞ فتاويٰ رضويه جي سمورن رسالن (جيڪي اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیه پڇيل سوالن جي جوابن ۾ تحرير فرمائيندا هئا) جي الڳ فهرست به موجود آهي ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ هڪ تمام بهترين فيچر ايڊوانس سرچ (*Advanced Search*) جو به آهي، جنهن جي ذريعي پنهنجي گهربل ڳالهه ڪي آساني سان ڳولي سگهجي ٿو، ڪنهن خاص جلد يا خاص رسالي ۾ به تلاش ڪرڻ جي سهولت موجود آهي ۞ ڪنهن به جلد کي چونڊي ان جي گهربل صفحي تي وڃي سگهجي ٿو ۞ لفظن جي فونٽ سائيز به پنهنجي مرضي سان منتخب ڪري سگهجي ٿي

ھن ايپلي ڪيشن ۾ پنهنجي پسنديده ڳالھ ڪي نوٽس جي فيچر ۾ لکي محفوظ ۽ پسنديده لسٽ ۾ شامل ۽ شيئر بہ ڪري سگھجي ٿو.

# ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ضروري اعلانات ٻڌي وٺو. هر ڇنڇر تي اميرِ اهلسنت دامت برکاتهم العاليه **مدني چينل** تي **لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ تقريباً **8** بجي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو. جنهن ۾ شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دامت برکاتهم العاليه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

سلسلي عاليہ چشتيہ جي عظيم پيشوا، سلطان الهند حضرت خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي نوراني سيرت ۽ حيرت انگيز ڪرامتن تي ٻڌل ايمان افروز رسالا، جيڪي مڪتبة المدينہ پاران شايع ڪيا ويا آهن: (1) خوفناڪ جادوگر (2) ڪراماتِ خواجہ (3) فيضانِ خواجہ غريب نواز (4) فيضانِ غريب نواز.

انهن رسالن ۾ اوهان خواجہ صاحب رحمۃ اللہ علیہ جي مبارڪ سيرت ۽ پاڻ سڳورن جي اسلام لاءِ ڪيل عظيم خدمتن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگھندؤ.

رسالي **خوفناڪ جادوگر** ڪي 10 رپين ۾، جڏهن تہ باقي ٽن رسالن کي مڪتبۃُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 20/20 رپين جي عيوض حاصل

فرمايو. پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ تحفي طور پيش ڪريو.

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ ڪجهہ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّۃِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اُهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

# قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ سنت آهي

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وآلِهٖ وسَلَّم: **(1):** منهنجي امت جي افضل ترين عبادت تلاوتِ قرآن آهي. (2)

اي عاشقان رسول! قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ سنت آهي. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت فرمائيندا هئا ۞ حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون تہ ڪا بہ شيءِ پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کي تلاوت کان نہ روڪيندي هئي ۞ پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن مڪمل سورت بقره ۽ سورت آل عمران جي تلاوت فرمائيندا هئا ۞ روزانو رات جو سورت سجدة، سورت ملڪ، سورت بني اسرائيل،

---

1… تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2… شُعَبُ الْاِيمان، باب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحہ:347، حديث:2004 ۔

سورت زُمر، سورت ڪافرون، سورت فلق ۽ سورت ناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا.

الله پاڪ اسان ڪي بہ خوب تلاوت قرآن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا
شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب **بهارشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

مانگو آ کر دُعا پاؤ گے مُدّعا | در کرم کے کھلیں، قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر، قافلے والوں پر | پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد